قرآني بيان

# فاروقِ اعظم ؓ

## معاف ڪرڻ جي عادت

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۾ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

12، جون، 2026ء (25 ذو الحجة الحرام، 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
12، جون، 2026ء (25 ذوالحجة الحرام، 1447ھ) جمعة المبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

# فاروقِ اعظم ۃ معاف ڪرڻ جي عادت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ سان نرالي محبت
- ✿... پياري آقا جو سچو خواب
- ✿... آيت مبارڪ ٻڌي رڪجي ويا (واقعو)
- ✿... معاف ڪرڻ سان عزت وڌندي آهي

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر کان ٻاهر تشريف ڪٽي آيا ۽ اڪيلا ئي هڪ طرف هلڻ لڳا. مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنه جڏهن اهو ڏٺو تہ گهٻرائجي ويا (تہ متان ڪو دشمن نقصان نہ پهچائي)، تنهنڪري پاڻ اتي ڪري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي پويان هلڻ لڳا. پاڻ ڏٺائون تہ رسولِ رحمت، شفيعِ اُمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم هڪ مقام تي پهچي ويهي رهيا ۽ بارگاهِ الاهيءَ ۾ سجدو ڪيائون. حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنه اهو ڏسي ادب خاطر پويان هٽي ويهي رهيا. جڏهن سرورِ عالم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سجدي مان مٿو مبارڪ ڪنيو تہ فاروقِ اعظم رضی اللہ عنه کي ڏٺائون ۽ فرمايائون: اي عمر! مون کي سجدي ۾ ڏسي تون هڪ طرف ويهي رهين، تو تمام ڀلو ڪيو.

پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ فرمايو:

اِنَّ جِبْرِيْلَ اَتَانِيْ فَقَالَ مَنْ صَلّٰى عَلَيْكَ مِنْ اُمَّتِكَ وَاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشْرًا

وَرَفَعَهُ بِهَا عَشَرَ دَرَجَاتٍ

بيشڪ هينئر جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون: يَا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! توهان جو جيڪو به امتي توهان تي هڪ پيرو درود شريف پڙهندو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو ۽ ان جا 10 درجا به بلند فرمائيندو.[1]

اسے لَب پہ اپنے سجاؤ میاں! | وسیلہ ہے بخشش کا سارا دُرود
نِکالے غموں کے تلاطُم سے یہ | کہ ہے راحتوں کا کنارہ دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِى الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

قُلْ لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَغْفِرُوْا لِلَّذِيْنَ لَا يَرْجُوْنَ اَيَّامَ اللّٰهِ لِيَجْزِيَ قَوْمًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

(سيپارو: 25، الجاثيه: 14)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صلّى الله عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

ترجموڪنزُالعرفان: تون ايمان وارن کي فرماءِ ته انهن ماڻهن کان درگذر ڪن جيڪي الله جي ڏينهن جي اميد نٿا رکن ته جيئن الله هڪ قوم کي انهن جي ڪمائي جو بدلو ڏي.

---

[1]...معجم اوسط، جلد:5،صفحه:68، حديث:6602 ملتقطًا.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ عظيم صحابيءِ رسول آهن ◈ دنيا ۾ سندن مبارڪ نالو عمر آهي ◈ آسمانن ۾ ڪين فاروق جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو ◈ آسماني ڪتاب توريت شريف ۾ سندن نالو مَنطِقُ الْحق(يعني حق ڳالهه چوڻ وارا) آهي ◈ انجيل شريف ۾ سندن نالو ڪَافِي آهي ◈ ۽ جنت ۾ سندن مقدس نالو سِراج (يعني چراغ) هوندو.[1]

◈ حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيا ◈ هڪ روايت موجب پاڻ 39 ماڻهن کان پوءِ مسلمان ٿيا،[2] ان ڪري ڪين مُتَمِّمُ الْاَرْبَعِين (يعني 40 جو انگ پورو ڪرڻ وارا) چيو ويندو آهي ◈ سرورِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم سندن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ دعا فرمائي هئي، تنهنڪري ڪين مرادِ رسول به چوندا آهن.[3] ◈ سندن عدل ۽ انصاف بي مثال هو، ان ڪري اَعْدَلُ الْاَصْحَاب (يعني صحابه ۾ سڀ کان وڌيڪ عدل ڪندڙ) سڏيا ويا.[4] ◈ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ 63 سال دنيا ۾ تشريف فرما رهيا. ◈ لڳ ڀڳ 10 سال 6 مهينا ۽ ڪجهه ڏينهن تائين بهترين انداز ۾ خلافت جا فرائض انجام ڏيندا رهيا[5] ◈ سندن خلافت جو دور مسلمانن جي عروج جو سُنهري دور هو. ◈ سندن حڪومت ڪرڻ جو انداز، ◈ سندن عدل و انصاف ◈ سندن مبارڪ اخلاق و ڪردار ◈ خوفِ خدا ◈ تقويٰ ۽

---

[1]…رياض النضرة، جز:2، الباب الثانی، الفصل الثانی فی اسمه و کنیه، صفحه:235 بتقدم وتاخر۔

[2]…معرفة الصحابة، باب الارقم بن ابی الارقم، جلد:1، صفحه:293 خلاصةً۔

[3]…ابن ماجه، المقدمه، فضل عمر رَضِیَ اللہُ عنه، صفحه:31، حدیث:105 خلاصةً۔

[4]…فيضان فاروق اعظم، جلد:1، صفحه:51۔

[5]…تاريخِ اوسط، صفحه:50، رقم:373۔

پرهيزگاري ◈ عاجزي ۽ انڪساري ◈ زهد ◈ ۽ رحم دلي وغيره قيامت تائين ايندڙ مسلمانن لاءِ زندگيءَ جو بهترين نمونو آهن.

## فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان نرالي محبت

صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن مَسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: ◈ جڏهن به نيڪ ماڻهن جو ذڪر ٿئي ته اميرُالمؤمنين، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو ذڪر ڪرڻ ۾ جلدي ڪيو! ◈ بيشڪ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو اسلام قبول ڪرڻ هڪ مدد هئي. ◈ بيشڪ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جو خليفو بڻجڻ فتوحات (يعني ڪاميابين) جو ذريعو هو. ◈ الله پاڪ جو قسم! جڏهن حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ شهيد ٿيا، ته دنيا جي هر شيءِ، ايتري تائين جو وڻن کي به ان جو ڏک ٿيو. ◈ الله پاڪ جو قسم! مان سمجهان ٿو ته حضرت عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي ڀنهي اکين جي وچ ۾ هڪ ملائڪ هو جيڪو کين قوت ڏيندو هو ۽ هدايت ڪندو هو. ◈ الله پاڪ جو قسم! جيڪڏهن مون کي خبر پئجي وڃي ته ڪو ڪتو حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سان محبت ڪري ٿو ته مان ضرور ان ڪتي سان به محبت ڪندُس.[1]

| | |
|---|---|
| بہارِ باغِ ایماں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں | چراغِ بزمِ عِرفاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں |
| رسول اللہ نے فاروق کو اللہ سے مانگا | عطاءِ رَبِّ سُبحاں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں |
| نہ کیوں وہ ذات چمکے، جس نے دینِ پاک چمکایا | جہاں کے مہرِ تاباں حضرتِ فاروقِ اعظم ہیں(2) |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مُصَنَّف اِبْنِ اَبِی شَیْبَۃ، کتاب الفضائل، ما ذکر فی فضائل عمر بن الخطاب، جلد:7، صفحہ:480، حدیث:22۔

[2]...دیوانِ سالک، صفحہ:73و74 ملتقطًا۔

## آيتِ ڪريمه جي مختصر وضاحت

پيارا اسلامي ڀائرو! قرآنِ ڪريم جون تقريبن 20 آيتون اهڙيون آهن جيڪي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ جي شان ۾ نازل ٿيون. انهن مان ئي هڪ آيتِ ڪريمه جيڪا اسان شروعات ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، سيپارو 25، سورةُ الجاثية جي آيت 14 آهي. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

قُلْ

ترجمو ڪنزُ العرفان: تون فرماءِ. (سيپارو: 25، الجاثيه: 14)

ڪنهن کي چوڻو آهي؟

لِّلَّذِیْنَ اٰمَنُوْا

ترجموڪنزُالعرفان: جن ايمان آندو. (سيپارو: 25، الجاثية: 14)

هتي ايمان وارن مان مراد مسلمانن جا پيان خليفا حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ آهن.[1] جڻ ارشاد ٿي رهيو آهي: اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! پنهنجي پياري صحابي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کي فرمائي ڇڏيو! ڇا فرمائڻو آهي؟

یَغْفِرُوْا لِلَّذِیْنَ لَا یَرْجُوْنَ اَیَّامَ اللّٰهِ

ترجموڪنزُالعرفان: (تہ) انهن ماڻهن کان درگذر ڪن جيڪي اللّٰه جي ڏينهن جي اميد نٿا رکن. (سيپارو: 25، الجاثية: 14)

[1]…تفسيرِ بغوی، پاره:25، سورهٔ جاثيه ، زير آيت:14، جلد:4، صفحه:124۔

هن جاءِ تي لفظ اَيَّامُ اللّٰهِ (يعني اللّٰه جا ڏينهن) معنيٰ آهي: اللّٰه پاڪ جي مدد ملڻ يا اللّٰه پاڪ جو عذاب نازل ٿيڻ جو ڏينهن. مطلب هي آهي ته اهي غير مسلم ۽ منافق ماڻهو جيڪي اللّٰه پاڪ جي پڪڙ کان نٿا ڊڄن، غرور ۽ تڪبر ۾ مبتلا آهن، اللّٰه پاڪ جي خُفيه تدبير کي وساري وينا آهن،[1] پنهنجي پياري فاروق کي فرمائي ڇڏيو ته اهڙن نادانن کي معاف فرمائي ڇڏين.

لِيَجْزِيَ قَوْمًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝۱۴

ترجموڪنزُالعرفان: ته جيئن اللّٰه هڪ قوم کي
انهن جي ڪمائي جو بدلو ڏي. (سيپارو: 25، الجاثية: 14)

آيتِ ڪريمه جي هن حصي جون 2 معنائون آهن: (1) هڪ معنيٰ هيءَ آهي ته فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کي فرمايو ته هو انهن غير مسلمن کي معاف ڪري ڇڏين، اللّٰه پاڪ پاڻ انهن بي دينن کي سزا ڏئي ڇڏيندو. (2) بي معنيٰ هيءَ آهي ته اي محبوب! فاروق کي فرمايو ته انهن بي دينن کي معاف ڪري ڇڏين، اللّٰه پاڪ کين (يعني فاروقِ اعظم کي) بهترين جزا عطا فرمائيندو.[2]

فارقِ حق وباطل امام الہُدیٰ | تیغِ مَسْلُولِ شدّت پہ لاکھوں سلام(3)

وضاحت: حق کي باطل کان جدا ڪرڻ وارا ۽ هدايت ڏيڻ وارا برحق امام حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ ان تلوار وانگر آهن جيڪا اسلام جي

[1]...تفسير بيضاوی مع حاشيه شيخ زاده، پاره:25، سورۂ جاثيه ، زيرِ آيت:14، جلد:7، صفحه:528 خلاصةً۔
[2]...روح المعانی ، پاره:25، سورۂ جاثيه، زير آيت:14، جلد:13، صفحه:202 خلاصةً۔
[3]... حدائقِ بخشش، صفحه:312۔

حمايت ۾ سختيءَ سان بلند ڪئي ويندي آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ تي لڪين سلام هجن.

## فاروقِ اعظم جا شانَ

پيارا اسلامي ڀائرو! هن آيتِ ڪريمه ۾ حضرت فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جا 2 شانَ بيان ٿيا ۽ ڪين هڪ حڪم ڏنو ويو آهي.

## (1) فاروقِ اعظم جي ايمان جي گواهي

پهرين نمبر تي ته هيءَ آيتِ ڪريمه ان ڳالهه جي گواهه آهي ته حضرت فاروقِ اعظم رضي الله عنہ صاحبِ ايمان آهن ۽ اهڙا باڪمال مومن آهن جو سندن رب به سندن ايمان جو تذڪرو فرمائي ٿو.

بخاري شريف جي حديثِ پاڪ آهي، صحابيءِ رسول حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان کي فجر جي نماز پڙهائي، سلام ڦيرائڻ کان پوءِ اسان ڏانهن رخِ انور ڦيرائي فرمايائون: هڪ شخص پنهنجي ڳئون وٺيو پئي ويو، پوءِ هو ان تي سوار ٿي ويو ۽ ڳئون کي مارڻ لڳو. ان تي ڳئون ان شخص کي چيو: اِنَّالَمۡ نَخۡلُقۡ لِھٰذَا يعني اسان ان ڪم (يعني سواري) لاءِ پيدا ناهيون ڪيون ويون اِنَّمَا خُلِقۡنَا لِلۡحَرۡثِ اسان کي ته الله پاڪ ٻني ٻاري (*Farming*) لاءِ پيدا ڪيو آهي.

(هاڻي ڳئون جهڙو بي زبان جانور عربي ٻوليءَ ۾ ڪلام ڪري، اها تعجب جي ڳالهه ته آهي، جيئن ته) صحابهءِ ڪرام عَلَیۡہِمُ الرِّضۡوَان تعجب مان چيو: سُبۡحٰنَ اللّٰہ!

چا ڳئون بہ ڳالهائيندي آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہءِ ڪرام جي ان تعجب جي جواب ۾ فرمايو: فَاِنِّیْ اُوْمِنُ بِهٰذَا، اَنَا وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَر (يعني ڳئون ڳالهائيندي ناهي پر الله پاڪ چاهي تہ ڳئون کي ڳالهائڻ جي طاقت عطاء فرمائي سهڪي ٿو ۽) هن ڳالھ تي مون بہ ايمان آندو، ابوبڪر بہ ايمان آندو ۽ عمر فاروق بہ ان جي تصديق ڪئي.

پوءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ٻيو واقعو بيان ڪيو، فرمايائون: هڪ ڌنار (***Shepherd***) پنهنجي ٻڪرين جي سنڀال ڪري رهيو هو تہ اوچتو هڪ بگهڙ (***Wolf***) ٻڪرين تي حملو ڪيو ۽ هڪ ٻڪري (***Goat***) ڪٽي ويو. ڌنار ان بگهڙ جي پويان ڊوڙيو ۽ نيٺ ان کان ٻڪري ڇڏائي ورتائين. جڏهن ان بگهڙ کان ٻڪري ڇڏائي تہ بگهڙ ڌنار ڏانهن متوجهہ ٿيو ۽ چيائين: اي ڌنار! تورو ٻڌاءِ! جڏهن وحشي جانورن (***Beasts***) جو ڏينهن ايندو، ان ڏينهن انهن ٻڪرين جي حفاظت ڪير ڪندو...! ان تي بہ صحابہءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان تعجب مان چيو: سُبْحٰنَ الله! چا بگهڙ بہ ڳالهائيندو آهي؟ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وري اهو ئي جواب ڏنو، فرمايائون: فَاِنِّیْ اُوْمِنُ بِهٰذَا، اَنَا وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَر (يعني بگهڙ ڳالهائيندو ناهي پر جيڪڏهن الله پاڪ چاهي تہ ان کي ڳالهائڻ جي طاقت عطا ڪري سگهي ٿو ۽) هن ڳالھ تي مون بہ ايمان آندو، ابوبڪر بہ ايمان آندو ۽ عمر فاروق بہ ان جي تصديق ڪئي.[1]

[1]... بخاری،کتاب احادیث الانبیاء، صفحہ:891،حدیث:3471 ۔

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي شانِ ايمانِ صديق ۽ شانِ ايمانِ فاروق رضی الله عنهما...! صحابهءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان سوال ڪيو هو، رسولِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان کي سمجهڻ چاهيو ٿئي، پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان جو جواب ڇا ڏنو؟ پاڻ سڳورن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صديق ۽ فاروق جي ايمان کي بطورِ گواهه بيان ڪري ڇڏيو ته جڏهن مان رسولِ خدا تي ڪري ان تي ايمان رکان ٿو، ابوبڪر صديق تي ڪري ايمان رکن ٿا، عمر فاروق تي ڪري ايمان رکن ٿا ته يقينن ڳالهه ائين ئي آهي، جيئن مون چئي آهي. علامه ابن حجر رحمةُ الله عليه فرمائن ٿا: (پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جن صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهم جي تعجب جي جواب ۾ صديقِ اڪبر ۽ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهما جي ايمان کي بطورِ شهادت ذڪر ڪيو، اهو ان ڪري جو) صديق ۽ فاروق جو ايمان تمام ڪامل ۽ يقين نهايت پختو آهي.[1]

## پياري آقا جو سچو خواب

بخاري ۽ مسلم جي حديثِ پاڪ آهي، صحابيءِ رسول حضرت ابوسعيد خُدري رضی الله عنه کان روايت آهي، ته الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مون خواب ڏٺو، مون تي ماڻهو پيش ڪيا ويا، انهن قميصون پائي رکيون هيون، ڪنهن جي قميص سيني تائين هئي، ڪنهن جي ان کان به گهٽ (۽ هڪ روايت ۾ آهي: ڪنهن جي قميص سيني تائين، ڪنهن جي ڌُن تائين، ڪنهن جي گوڏن تائين، ڪنهن جي اڌ پِنيءَ

[1]... فتح الباری،کتاب فضائل اصحاب النبی ،باب قول النبی لو کنت ...الخ،جلد:7،صفحہ:35 ،تحت الحدیث:3663 ۔

تائين هئي[1]، پوءِ مون کي عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ ڏيکاريا ويا، سندن قميص سندن پيرن کان بہ هيٺ هئي جو هلڻ ۾ گِهلجي رهي هئي. صحابہءِ ڪرام عليهم الرضوان پڇيو: يَا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم! توهان ان جي تعبير ڇا ڪئي؟ فرمايائون: دين.[2]

يعني اهي ماڻهو جن جي قميص سيني تائين هئي، اهي ڪمزور ايمان وارا هئا، جن جي ڏُن تائين هئي اهي ڪجهہ مَضبُوط ايمان وارا، جن جي گوڏن تائين هئي اهي وڌيڪ ڪامل ايمان وارا، جن جي اڌ پِنيءَ تائين هئي انهن جو ايمان پهرين کان وڌيڪ مضبوط هو، ۽ انهن ڏيکاريا ويندڙ ماڻهن مان سڀ کان مضبوط (*Strong*) ۽ ڪامل ۽ اڪمل ايمان وارا حضرت عمر فاروقِ اعظم رضي الله عنہ هئا جو سندن قميص قدمن کان هيٺ گِهلجي رهي هئي.

سُبْحٰنَ الله! هن خواب ۽ نبوي تعبير مان معلوم ٿيو تہ حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ نهايت ئي ڪاملُ الاِيمان ۽ مضبوط دين وارا آهن.

## دين جي معاملي ۾ سڀ کان سخت صحابي

سبحان الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دين ۾ نهايت پختو ۽ تمام مضبوط ايمان وارا آهن. هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اَشَدُّهُمْ فِيْ دِيْنِ اللهِ عُمَرُ يعني ديني معاملي ۾ سيني صحابہءِ ڪرام

---

[1]...الصواعق المحرقة،باب الخامس ،فصل الرابع ،صفحہ:119،حديث:41۔

[2]... بخاری،کتاب بدء الایمان،باب تفاضل اہل الایمان فی الاعمال ،صفحہ:76 ،حديث:23۔

(رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهم) ڪان وڌيڪ سختي ڪندڙ عمر (رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه) آهن.[1] هڪ روايت ۾ فرمايائون: اَشَدُّ اُمَّتِیْ فِیْ اَمْرِ اللّٰهِ عُمَرُ يعني الله پاڪ جي حڪمن جي معاملي ۾ منهنجو سڀ ڪان پختو اُمَّتي عمر فاروق آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: تہ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ ديني حڪمن تي تمام سختيءَ سان عمل ڪندڙ هئا. هونئن تہ سڀ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهم ئي دين تي مضبوطيءَ سان عمل ڪندڙ هئا پر حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي اها مضبوطي (*Strength*) ۶ پختگي ان حد تائين پهچي وئي هئي جو اها سندن خاصيت بڻجي وئي. ايتري تائين جو حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”صوفياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهم (يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهم) دين جي معاملي ۾ تمام سخت (*Strict*) هوندا آهن (مثال طور فرض ۶ واجبات تہ پري جي ڳالهہ آهي، مستحبات يعني اهي نيڪي جا ڪم جن جي ڇڏڻ ۾ گناهہ ناهي، انهن کي بہ بلڪل ناهن ڇڏيندا، انهن تي بہ مضبوطيءَ ۶ استقامت سان عمل ڪندا آهن، صوفياءِ ڪرام جو دين ۾ اهڙي سختي اختيار ڪرڻ) حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کان ئي سکيو آهي.[3]

الله پاڪ اسان کي بہ اهڙي توفيق نصيب فرمائي. گهرجي تہ اسان بہ دين تي مضبوطيءَ سان عمل ڪيون. افسوس جي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ ماڻهو پنهنجي مزاج تي تہ ڏاڍا پڪا هوندا آهن پر دين تي پڪا ناهن هوندا. ٿورو

---

[1]...ابن ماجہ، المقدمہ، فضائل خباب، صفحہ:38، حديث:154۔

[2]...طبقات لابن سعد، رقم:56، عمر بن الخطاب رَضِیَ اللہُ عنہ، جلد:3، صفحہ:220۔

[3]...کشف المحجوب، باب السابع فی ذکر آئمتہم من الصحابۃ رَضِیَ اللہُ عنہم، صفحہ:86۔

مزاج جي خلاف ڳالهه ٿئي ته ◈ ڪاوڙ مان ڳاڙها ٿي ويندا آهن ◈ رڙيون به ڪندا هوندا ◈ مزاج جي خلاف ڳالهه ڏسي ڪري محفلون به ڇڏي ويندا آهن ◈ شادي مرادي وغيره ۾ مائٽن جي طرفان ڪا اهڙي ڳالهه ٿي پوي ته رشتيداري ٽوڙي ڇڏيندا آهن ◈ جهيڙو جهڳڙو به ڪري وٺندا آهن ◈ چڱي ڀلي خوشين ڀري ماحول کي غمگين به ڪري ڇڏيندا آهن، ڪيتري بُري ڳالهه آهي پر گهٽو افسوس ته تڏهن ٿيندو آهي جو ◈ انهن ماڻهن جي سامهون دين جي خلاف ورزي ٿيندي آهي ته ڪين ڪجهه به بُرو ناهي لڳندو. ◈ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ به نمازون ناهن پڙهندا تڏهن به ڏک ناهي ٿيندو ◈ گهر وارا نماز ناهن پڙهندا، انهن کي ڪجهه به بُرو ناهي لڳندو. ◈ شاديءَ وغيره ۾ گانا وڄندا آهن گناهن ڀريا ڪم ٿي رهيا هوندا آهن پر ڪين ڪا شڪايت ناهي هوندي...!! مطلب ته هي انداز ٿيندا پيا وڃن ته ماڻهو پنهنجي مزاج کي ڏسندا آهن، دين جو فڪر ناهن ڪندا. الله پاڪ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه جي صدقي اسان کي دين تي مضبوطي نصيب فرمائي. ڪاش! اسان جو معيار مزاج نه پر دين بڻجي وڃي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## (2) فاروقِ اعظم ؓ معاف ڪرڻ جي عادت

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمه ۾ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي حڪم ڏنو ويو ته پاڻ معاف ڪرڻ جي عادت اپنائين.

سُبۡحٰنَ الله! جڏهن ربِ ڪريم حڪم ڏنو ته حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هتوهت ئي ان پياري صفت کي اپنائي ورتو.

## فاروقِ اعظم غير مسلم کي معاف ڪري ڇڏيو:

ڪين اهو حڪم ڪڏهن ڏنو ويو هو، ان حوالي سان حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنہ فرمائن ٿا: هجرتِ مدينہ کان پهريان جي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڀيرو هڪ غير مسلم حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي گار ڏني. هاڻي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ تہ ماشَآءَالله! تمام بهادر هئا، سندن هڪ رعب هو، پاڻ چاهيو تہ ان غير مسلم کي پڪڙيو، اجا پاڻ اهو ارادو ڪيو ئي هو تہ هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي وئي، الله پاڪ ڪين حڪم ڏنو تہ ان غير مسلم کي معاف ڪري ڇڏيو، الله پاڪ پاڻ ان کي سزا ڏيندو. پوءِ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ حڪم مڃيو ۽ ان غير مسلم کي معاف ڪري ڇڏيائون.[1]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڪهڙو تہ شان آهي فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو...! ڪين معاف ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ پاڻ فوري طور تي ان وصف کي اپنائي ورتو. پوءِ ائين ناهي تہ صرف ان ئي موقعي تي پاڻ معاف ڪيائون، بلڪ مستقل طور تي معاف ڪرڻ کي پنهنجي عادت بڻائي ورتائون.

## آيت ٻڌندي ئي عمل ڪري ورتائون

حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خلافت جو دور هو، هڪ ڀيري هڪ شخص کو ڏوهہ ڪيو، ان کي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي

[1]...روح المعانی، پاره:25، سورۂ جاثيہ ، زيرِ آيت:14، جلد:13، صفحہ:202۔

خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جن جڏهن ان کي سزا ڏيڻ لڳا ته ان هيءَ آيتِ ڪريمه پڙهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِیْنَ ﴿۱۹۹﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي حبيب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ. (سيپارو: 9، الاعراف: 199)

هيءَ آيت مبارڪ ٻڌي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان ۾ غور ڪرڻ لڳا، پوءِ ان شخص کي معاف ڪري ڇڏيائون.[1]

| | |
|---|---|
| خدا کے فضل سے میں ہوں گدا فاروقِ اعظم کا | خُدا ان کا مُحَمَّدِ مُصطَفٰے فاروقِ اعظم کا |
| رہے تیری عطا سے یاخدا! تیری عنایت سے | ہمارے ہاتھ میں دامن سدا فاروقِ اعظم کا[2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## آيت مبارڪ ٻڌي رڪجي ويا

حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہما کان مروي آهي ته حُر بن قَيس اميرُ المؤمنين حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وٽ اچڻ جي اجازت گهري. پاڻ اجازت ڏني. هو اندر آيو ۽ چوڻ لڳو: اي خطاب جا پٽ! خدا جو قسم! تون نه اسان کي صلو ڏين ٿو ۽ نه اسان جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪرين ٿو. اهو ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جلال ۾ اچي ويا ۽ ويجهو هو جو پاڻ ان کي

[1]...الزواجر عن اقتراف الکبائر، الکبیرۃ الثالثۃ، جلد:1، صفحه:107۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:526۔

پڪڙين ها. حُر بن قيس چوڻ لڳو: اي اميرُ المؤمنين! الله پاڪ پنهنجي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي فرمايو آهي:

خُذِ الْعَفْوَ وَاْمُرْ بِالْعُرْفِ وَاَعْرِضْ عَنِ الْجٰهِلِيْنَ ﴿۱۹۹﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي حبيب معاف ڪرڻ اختيار ڪر ۽ ڀلائي جو حڪم ڏي ۽ جاهلن کان منهن موڙ. (سيپارو: 9، الاعراف: 199)

حر جو اهو چوڻ هو جو پاڻ اتي ئي رڪجي ويا ۽ اها سندن عادت هئي ته ڪتابُ الله جي ڳالهه ٻڌي رڪجي ويندا هئا. [1]

## معاف ڪندا ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! ان ۾ اسان لاءِ سبق آهي، اسان کي به معاف ڪرڻ جي عادت اپنائڻ گهرجي. افسوس ته هاڻي حالات قابو کان ٻاهر آهن، معاشري ۾ برداشت ته تمام گهٽ ٿي چڪي آهي. ◈ ٿوري ٿوري ڳالهه تي جهيڙا جهڳڙا ٿي ويندا آهن ◈ منهن ماري (يعني هڪٻئي کي طعنا ڏيڻ، گار ڪند ڪرڻ) کان وٺي مارَ ڪٽ تائين ڳالهه پهچي ويندي آهي ◈ ۽ پوءِ قتل تائين ڳالهه وڃي پهچندي آهي. هڪ واقعو بيان ڪيو وڃي ٿو ته هڪ پيرو شيطان پنهنجي چيلن جي تربيت ڪري رهيو هو. هو چيلن کي وٺي هڪ حلوائي جي دڪان تي پهتو. هن جيڪو شيرو ناهي رکيو هو ان ۾ هڪ آڱر وڌائين ۽ هڪ ذرو ديوار تي لڳائي ڇڏيائين. ان ذري تي مک آئي، ويجهو ئي ساندي هئي جنهن مک تي حملو ڪيو، حلوائي جي ٻلي اهو

[1] ...بخاری، کتاب الاعتصام بالکتاب والسنۃ، باب الاقتداء بسنن رسول اللہ، صفحہ:1763، حدیث:7286 ملتقطًا۔

ڏسي رهي هئي، ان ساندي۽ تي حملو ڪري ڏنو. ويجهي دڪان واري جو ڪتو اهو منظر ڏسي رهيو هو، ان ٻلي تي حملو ڪيو ۽ ٻلي کي ماري وڌائين. حلوائي کي ڪاوڙ آئي، هن ڪتي کي ماري وڌو، ويجهي دڪاندار کي ڪاوڙ آئي، هن حلوائي کي ماري وڌو! ائين ڪندي شيطان جي هڪ ننڍڙي حرڪت سبب ڪيترا ئي قتل ٿي ويا.[1]

هي اسان جي معاشري جي حالت آهي. برداشت بلڪل ختم ٿي رهي آهي. معاف ڪري ڇڏڻ جو ذهن لڳي ٿو ته رهيو ئي ناهي، ◈ ٿوري ٿوري ڳالهه تي آپي مان ٻاهر ٿي ويندا آهيون رشتا ٽوڙي ڇڏيندا آهيون، ◈ ڪاوڙ ۾ ڳاڙها ٿي ويندا آهيون، ◈ آڪڙ ڏيکاريندا آهيون، ◈ ڪڏهن ڪڏهن ظلم ۽ زيادتي به ڪري وٺندا آهيون. اسان کي معاف ڪرڻ جي عادت اپنائڻ گهرجي.

## معاف ڪرڻ سان عزت وڌندي آهي:

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: صدقو ڏيڻ سان مال گهٽ ناهي ٿيندو ۽ ٻانهو ڪنهن جو قصور معاف ڪري ته الله پاڪ ان (معاف ڪرڻ واري) جي عزت ئي وڌائيندو.[2]

شعبُ الايمان ۾ آهي ته هڪ ڀيرو حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيو: اي مالڪِ ڪريم! تنهنجي ويجهو ڪهڙو

---

[1]...شيطان کی حکايات، صفحه:150۔

[2]...مسلم، کتاب البروالصلة والآداب، باب استحباب العفو والتواضع، صفحه:1002، حديث:2588۔

ٻانهو وڏيڪ عزت وارو آهي؟ فرمايو: اهو جيڪو بدلو وٺڻ جي طاقت هجڻ جي باوجود معاف ڪري ڇڏيندو آهي. [1]

الله اڪبر! ڪيڏي نه اهم ڳالهه آهي...! اڪثر ماڻهو پنهنجي عزت جي آڙ ٻڌائي ڪري ٿي جهيڳڙا وڌائيندا آهن. ◈ ڪو چوندو آهي: بدلو نه وٺندس ته منهنجو نڪ ڪٽجي ويندو ◈ ڪو چوندو آهي: هن مون کي گار ڏني هئي، مان ڪيئن معاف ڪري ڇڏيان◈ ڪو چوندو آهي: هن مون کي پري بازار ۾ منهنجي بي عزتي ڪئي هئي، مان هن کي ڪڏهن به معاف نٿو ڪري سگهان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! معاف ڪريو! عزت اصل ۾ اها آهي جيڪا الله پاڪ جي حضور آهي. جيڪڏهن اسان طاقت هوندي معاف ڪنداسين ته الله پاڪ وٽ اسان جي عزت وڌندي، جڏهن الله پاڪ وٽ عزت وڌي وئي ته دنيا ۾ عزت پاڻ ئي بُلند ٿي ويندي.

## جيڪو رحم ناهي ڪندو ان تي به رحم ناهي ڪيو ويندو

مسلمانن جي ٻئين خليفي، حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هڪ ڀيرو خطبو ڏنو، ان ۾ پاڻ 4 نصيحتون فرمايون، چار ئي تمام اهم نصيحتون آهن، ٻڌڻ ۽ دل ۾ ويهارڻ جي لائق آهن، پاڻ فرمايائون:

(1): مَنْ لَّا يَرْحَمْ لَا يُرْحَمْ جيڪو رحم ناهي ڪندو، ان تي رحم ناهي ڪيو ويندو.

---

[1]... شعبُ الایمان، باب فی حسن الخلق، فصل فی ترک الغضب، جلد:6، صفحہ:319، حدیث:8327۔

(2): مَنۡ لَّا یَغۡفِرۡ لَا یُغۡفَرۡ لَہٗ جيڪو معاف ناهي ڪندو، ان کي معاف ناهي ڪيو ويندو.

(3): مَنۡ لَّا یَتُوۡبُ لَا یُتَابُ عَلَیۡہِ جيڪو توبه ناهي ڪندو، ان جي توبه قبول ناهي ڪئي ويندي.

(4): مَنۡ لَّا یَتَّقِ لَا یُوَقَّہٗ جيڪو پاڻ ناهي بچندو، ان کي بچايو به ناهي ويندو. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي چارئي ڳالهيون پنهنجي دل ۾ ويهاري ڇڏيو. ◈ رحم ڪندا ڪريو، الله پاڪ رحم فرمائيندو ◈ معاف ڪندا ڪريو ته قيامت جي ڏينهن گناهن جي معافي ملندي ◈ توبه ڪندا ڪريو، الله پاڪ توبهه قبول فرمائيندو ◈ پاڻ کي گناهن کان، بڇڙي ڪردار کان، بُري اخلاق کان، دنيا ۽ آخرت جي نقصان کان بچائڻ جي ڪوشش ڪندا ڪريو! رب ڪريم! غيب مان مدد فرمائيندو، ۽ دنيا ۽ آخرت جي نقصانن کان حفاظت ٿيندي.

## زال کي معاف ڪيائين ته بخشش ٿي وئي

هڪ شخص هو، ان جو انتقال ٿي ويو، ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏٺو ۽ پڇيو: ڇا گذري؟ چيائين: هڪ ڏينهن زال ڪاڏي ۾ لوڻ وڌيڪ وجهي ڇڏيو هو، مون کي ڪاوڙ آئي پر ڪاوڙ پي ويُس ۽ ان کي ڪجهه نه چيو، بس انهيءَ عمل سبب الله پاڪ منهنجا گناهه بخشي ڇڏيا! [2]

[1]…ڪنز العمال، ڪتاب المواعظ والرقائق...الخ، خطب عمر و مواعظ، جز:16،جلد:8، صفحه:64، حديث:44179۔

[2]…بيانات عطاريه، صفحه:164 خلاصةً۔

سبحان الله! معاف ڪرڻ واري کي معافي ملندي آهي، تنهنڪري اسان معاف ڪرڻ کي اپنايون◈ گهر ۾ ◈ ٻاهر دوستن ۾ هر جڳهه معاف ڪرڻ کي اپنايون ◈ ڪو غلطي ٿي وڃي، معاف ڪري ڇڏيو! ◈ ٻارَ غلطي ڪري ويهن، انهن جي تربيت ڪريو! پر معاف به ڪري ڇڏيو! ◈ ننڍي ڀاءَ کان، ڀيڻ کان ڪا غلطي ٿي وڃي، معاف ڪري ڇڏيو! ◈ رستي تي هلندي، ڪو اسان سان ٽڪرائجي وڃي، معاف ڪري ڇڏيو! مطلب ته روزانو ڪيتريون ئي ڳالهيون اسان جي مزاج جي خلاف ٿينديون رهنديون آهن، معاف ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب به ملندو ۽ آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي صورت به بڻجڻ جي تمام گهڻي اميد آهي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## (3) فاروقِ اعظم جي اعليٰ جزا

پيارا اسلامي ڀائرو! آيتِ ڪريمه ۾ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ٿيو ته

لِيَجْزِيَ قَوْمًۢا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿۱۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ته جيئن الله هڪ قوم

کي انهن جي ڪمائي جو بدلو ڏي. (سيپارو: 25، الجاثيه: 14)

هڪ قول موجب هيءُ به حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جو شان آهي، ڪين فرمايو ويو: اي فاروق! توهان معاف ڪندا ڪريو! الله پاڪ توهان جي عملن جي جزا ڏيندو.[1]

---

[1]...روح المعانی، پاره:25، الجاثيه، زيرِ آيت:14، جلد:13، صفحه:202 خلاصةً۔

## الله پاڪ عمر کي جزا ڏيندو

حضرت سعيد بن مُسَيَّب رحمۃ الله علیه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه جي خدمت ۾ حاضر هئاسين، قاريءَ هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت ڪئي، ان کي ٻڌي ڪري امير المؤمنين رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمايو: لِيَجْزِىَ عُمَرَ بِمَا صَنَعَ يعني آيت جي معنيٰ هيءَ آهي تہ الله پاڪ عمر کي ان جي عملن جي جزا ڏيندو.[1]

## اي اهلِ محشر! هي عمر آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اها جزا ڇا هوندي جيڪا حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه کي ڏني ويندي، ان حوالي سان هڪ روايت ٻڌو! حضرت عبدالله بن عباس رضی الله عنهما کان روايت آهي تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه الله پاڪ جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيندا، ان وقت اسلام (جسماني صورت ۾ ايندو ۽) عرض ڪندو: يَا رَبِّ هٰذَا عُمَرُ اَعَزَّنِىْ فِىْ دَارِ الدُّنْيَا فَاَعِزَّهٗ فِىْ عَرَصَاتِ الْقِيَامَةِ يعني يا رب! هي عمر آهن، انهن دنيا ۾ منهنجي عزت بلند ڪئي، اڄ ميدانِ قيامت ۾ تون ڪين عزت عطا فرماءِ.

ان سان گڏ ئي حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللهُ عَنْه کي 2 جُبا پارايا ويندا، جن جي خوشبو اهڙي هوندي جو جيڪڏهن انهن مان هڪ بہ دنيا ۾ کولي ڇڏجي تہ سڄي دنيا ان جي خوشبوءِ سان مهڪي وڃي. حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْه کي نوراني ڏاچيءَ تي ويهاريو ويندو، انهن جي اڳيان 70 هزار جهنڊا

[1]...روح المعانی، پاره:25، سورة جاثيہ ، زير آيت:14، جلد:13، صفحہ:203۔

لهرائي رهيا هوندا. ان وقت ميدانِ محشر ۾ آواز گونجندو: يَاَهْلَ الْمَوْقِفِ هٰذَا عُمَرُ فَاعْرِفُوْهُيعني اي اهلِ محشر! هي عمر آهن، کين سڃاڻي وٺو...! [1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا تہ شان آهي حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو...!

لَوْ کَانَ بَعْدِیْ کہہ کے بڑھائی نبی نے شان
اِنسانیت کے ایک چمکتے گُہر عمر

بولے انہیں "مُحَدَّث خَیْرُ الْاُمَم" حضور
اسرارِ حق سے ایسے ہوئے باخبر عمر

آیات کا نُزول ہوا ان کی رائے سے
ہیں جلوۂ مَعارِفِ حق، سَر بَسَر عمر

پہلوئے مصطفٰے میں بنی تیری قبر پاک
ہے عرش سے عظیم ترا مُسْتَقَر عمر

## يومِ فاروق ملهايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! پهرين محرم الحرام تي يومِ فاروقِ اعظم آهي، ان ڏينهن پاڻ شهيد ٿيا هئا. ٿنهنڪري ◈ نيڪ مؤمن، تمام مضبوط دين وارا، عظيمُ الشان صحابيءِ رسول، مسلمانن جا ٻيا خليفہ، وزيرِ مصطفيٰ حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي ياد ملهايو! ◈ گهر ۾ ◈ دفتر ۾ ◈ دڪان تي ◈ جتي جتي تي سگهي، ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪريو ◈ ٿي سگهي تہ منائي بہ ورهايو ◈ ٿي سگهي تہ مختصر محفل بہ ڪرايو ◈ گهر ۾ تہ لازمي اهتمام فرمايو! ◈ سيني گهر وارن کي جمع ڪري حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو ذڪرِ خير ڪريو! حضرت فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ◈ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَت بَرَكاتهم العَاليه جو پيارو رسالو آهي: ڪراماتِ فاروقِ

[1]...الرياض النضرة، الباب الثانى، الفصل التاسع، ذكر نبذة من فضائله، صفحه:274۔

اعظم هي رسالو مڪتبةُ المدينہ تان طلب فرمايو يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ *www.dawateislami.net* تان ڈائون لوڊ ڪري ونو! هي رسالو گهرن ۾ پڙهي ڪري ٻڌايو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! خوب برڪتون نصيب ٿينديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پيدا ٿيل غلط فهمي جي نشاندهي)

**مسئلو:** قبر تي اگربتي ٻارڻ منع آهي.

**وضاحت:** محرم شريف اچي رهيو آهي، هن مهيني ۾ خاص ڪري 10 محرم شريف تي ماڻهو قبرستان ويندا آهن، اها سٺي ڳالهہ آهي قبرستان وڃڻ گهرجي، پنهنجي فوت ٿيل ويل عزيزن کي ايصالِ ثواب بہ ڪندو رهڻ گهرجي، البت هي رواج عام طور تي ڏٺو ويو آهي تہ ماڻهو قبرن تي اگربتيون ٻاريندا آهن، هي منع آهي. بلڪل قبر جي مٿان اگربتي يا ميڻ بتي هرگز نہ ٻارڻ گهرجي، ها! جيڪڏهن قبر جي ويجهو ڪو وينو قرآنِ ڪريم پڙهي رهيو آهي يا وردَ وظيفا وغيره ڪري رهيو آهي، ان کي خوشبو پهچائڻ لاءِ قبر کان هٽي ڪري اگربتي لڳائي تہ هي جائز بلڪ سُٺي ڳالهہ آهي، جيڪڏهن اتي ڪو بہ نہ هجي ۽ صرف قبر لاءِ اگربتي لڳائي واپس اچي ويا تہ اهو منع آهي ڇو تہ اهو اسراف (فضول خرچ) آهي

۽ هي مال ضايع ڪرڻ آهي.[1] الله پاڪ اسان کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا نُوۡرُ (اي نور!)

جيڪو ٻه 7 ڀيرا سورةُ النور ۽ 1001 ڀيرا يَا نُوۡرُ پڙهندو، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! ان جي دل روشن ٿي ويندي.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]…دارالافتاء اہل سنت، فتوی نمبر:Web:341 ۔

[2]…مدنی پنج سورہ، صفحہ:259۔